دادن فقير

# غزل

دنيا ۾ چند گھڙيون باقي اسير آهيان
ٿورو ڪو وقت هاڻي زنده اخير آهيان
مارڻ کان اڳ ۾ ماريو مان خوفِ قدير آهيان
تندرست مان نہ آهيان ضعيف ۽ ظهير آهيان
اڄڪلھ جي دوستن کان بلڪل سڌير آهيان
ڳالهين ڳهير ناهيان مان يڪ ضمير آهيان
سڄڻن جي واسطي چڻ مان ڪنڊ ڪير آهيان
دشمن جي دل ۾ ڪان ۽ مثل تير آهيان
شاهين آهيان مون ڪي گھرجي نہ آشيانو
هڪ جاءِ منهنجي ناهي بي گھر سفير آهيان
محتاج ڪنهنجو ناهيان الله کانسواءِ مان
مفلس مان آهيان ليڪن دل جو امير آهيان
ڳولي وجهان وڏا ڪي ماڻهو مان جيل اندر
پر مان وزير ناهيان "دادن" فقير آهيان

❊

دادن فقير

## دادن فقير

ڏينهن ٿي آهن ويا ڏاڍا ڏني دلدار کي
واسطي دلبر جي پنهنجي مون چڏيو گهر ٻار کي
ڪين طاقت آهه ابرن جي اڳيان اوزار کي
سيف کي خنجر کي ڪريان تيغ جوهر دار کي
چا ڏسي مان چا ڏسان اج دوست جي اي دوستو
هار کي سينگار کي رفتار کي گفتار کي
ڪير پي هوندو پريشان جي نه ٿيندو جي ڪڏهن
منهن جي اکڙين ساڻ جي منهن جي ڏسي مننار کي
دل جي مرضي دل جنهين سان پنهنجي مرضي ٿي لڳي
دل ڏسي ٿي ڪين کي نادار کي زردار کي
سرو کان وڌ قد سجڻ جو سربسر سهڻو وري
مار زلفن جو ويو ماري سياهي مار کي
ساڳي اک ۽ ساڳي سُرمي مون کي اج ماري وڌو
ڪوهجي جو هي خبر جلدي ڏئي دلدار کي
منهن جو هي نازڪ نياپو باادب قاصد وڃي
جيئن چئي منهن جي زبان تئين شل چئي ڪويار کي
هي وڏي ارمان جوڳي ڳالهه ”دادن“ آهي جو
ٿو وڃان ويجهو ڪٽي ٿو هٿ وجهي تلوار کي

❊

دادن فقير

## دادن فقير

چيم دلبر مون کان ڇاجي ڪري منهن کي لڪائين ٿو
چيائين گوڙ ڇڏ ناحق اجائي مار ڪائين ٿو

چيم اي بي رحم تو لئہ خدا ڄاڻي مري ويندس
چيائين مر ڀلي جان مر مون کي چئي ڇا ٻڌائين ٿو

چين توتي خدا وٽ مان ڪندس فرياد قيامت ۾
چيائين ڏي ڀلي جان ڏي پنهنجو ويسهہ وڃائين ٿو

چيم درويش ”دادن“ ساڻ ملڻ واري ڪندين ڪڏهين
چيائين تان ڏسي رهجي پُڇي پڪ ڇو ڄمائين ٿو

❊

دادن فقير

دغا بازسان دل دوباري نہ رک

محبت بہ نقصان واري نہ رک

خزاني سندو خرچ پاري نہ رک

اگر ڪار ڏارين تہ لاري نہ رک

دلي دوست پنهنجو جواري نہ رک

بچائين فصل چور هاري نہ رک

ميان ٿي مٿي تي تغاري نہ رک

جي جانگي سان مارين تہ چاري نہ رک

دلاسن تي ”دادن“ ڀهاري نہ رک

ڏکيو سر جو واپار جاري نہ رک

❊

دادن فقير

## دادن فقير

ڏسان تنگ ڏاڍو ٿو سارو زمانو
ٻڌايان ڇا ڪولي سچو داستانو

عدالت آ ورلي مگر عام ناهي
وڏي ڪوڙ جو ويو آ هر جا بهانو

ڪميڻن جي بهتر اُڏي آبرو وئي
هٽي ٿو شريفن کي هر ڪوئي طعنو

ڪريمان گلستان پڙهي جي جڏهن ڪو
سڏائي پيو مولوي ٿو يگانو

ٻڌم بلبلين جون جتي باتيون ٿي
اتي ٿي ڇِٻن جو ويو آشيانو

مٿن مائٽن مان مٿي وئي ڇڏائي
نه چاچو نه مامو نه ڏاڏو نه نانو

خدا کان سوا خوف ڪنهنجو نه ”دادن“
پلي سچ ۾ ڪنهن جو ڦري ڪارخانو

❋

سوا صورت سچاڻ جي اجايو سير سارو آ
مگر هن مام مخفي جو مسئلو سخت پارو آ

لهي رُخ پاڪ تي بيٺو غلافي زلف جو پردو
سَنڌي مان سينڌ جي بس باب بيت الله وارو آ

ڪري ٻئي چشم چاندوڪيون ٻرن قنڊيل ڪعبي ۾
حجر اسود عجب لب لال وارو خال ڪارو آ

بدانس درميان ابرن جي سجده گاهہ ثابت ڏس
ادا اُت فرض ٺيندو سمجهہ هي اونهو اشارو آ

سنپالي سرپرستي جو درست ٿي درس پڙهہ ”دادن“
نفي اثبات جو جنهن مئون نظر آيو نظارو آ

❊

دادن فقير

## دادن فقير

دل غضب ۾ وئي ملي بس داد دل جو ڪونہ ٿيو
دوستو اهڙي جيئڻ کان موت منهنجو چو نہ ٿيو

سڪ ڦٽائي ڏک پرايم واهہ جو سودو ڪيم
جو مون پنهنجو پائيو ٿي چاڪئون منهنجو سو نہ ٿيو

عام چوٽي آهي ميندي زور جي لڳٽي نہ آ
رنج جو ڪنهن سان ملڻ جهڙو ٿيو تهڙو نہ ٿيو

يار جي خاطر اسان جو سِر ويو تان سون ٿيو
هيڏي قرباني منجهان پيي داد ”دادن“ جو نہ ٿيو

❊

دادن فقير

# دادن فقير

دنيا ۾ اچا تائين سکيو آهي سفر پنهنجو
لاتقنطو من رحمت الله آ ثمر پنهنجو
ڪنهن مجلس يا ميل ۾ گڏ پاڻ سان ڪاٿهن
سنگت ۾ وس ڪئي هوندي نہ سنگتي بي پنهنجو
صفا دل آهي نہ آهي غير دل ۾ تنهن ڪري تڏهين
گذاريون ٿا ائين هر جاءِ جيئن هوندو آ گهر پنهنجو
سچائي ۽ صفائي جي ڪري جا ٿي شهر جنهن ۾
وڃون ٿا چڻ اهوئي آ سارو شهر پنهنجو
جڏهن خود پاڻ آهيون نياز نوڙت قرب جا ڪوڏيا
تہ پيو ڪوپي سبب دشمن نہ ٿيندو هت بشر پنهنجو
ڪٽي انسان عيبن ۾ غرق هوندو تہ پي ٻين تي
ڪندو پيو ٺوڪبازي ڪين جاچيندو اندر پنهنجو
نٿا سمجهون زماني زيب ور جي زيب ڪي باقي
ڏسي حيران ٿينداسين ڪڏهن پويون پهر پنهنجو
واڌاري واقفيت جي واسطي ٻئي ملڪ ڏي "دادن"
چڙي ٿو ڪين ڪي ڪڏهن سچو آباد تر پنهنجو

*

## دادن فقير

صنم جي زلف پيچان کي سياهہ مار ٿو چئجي
تکو خنجر کان ابرن جو عزيزو وار ٿو چئجي

قسم اي دوستو آهي مقابل روءِ ميگان جي
چوان چا تير جو پيڪان پي بيڪار ٿو چئجي

اکين ۾ يار جي الله جو اسرار ٿو چئجي
سندس جي واسطي عاشق پڻ ڊوءِ پار ٿو چئجي

دهن دلدار منهنجي جو شڪر گفتار ٿو چئجي
اڳيان دم دم جي نيلم هيرو چمڪيدار ٿو چئجي

لبِ احمر کان گهٽ بس لالئہ گلزار ٿو چئجي
حسينن جي مٿان منهنجو سجڻ سردار ٿو چئجي

مگر زنجير گردن تي گلن جو هار ٿو چئجي
قمر باريڪ تي وارن ڏڪهن جو بار ٿو چئجي

پلو پئي پار کان ”دادن“ پرين جو پار ٿو چئجي
اچي جو ڪم ٿو اوکي ۾ انهيءَ کي يار ٿو چئجي

❊

دادن فقير

## دادن فقير

اڄوڪي ڏينهن ۾ ڏاڍو ڏٺو مون يار کي يارو
مگر افسوس آيو ڪين منهنجو دوست دل وارو

سوا ديدار دلبر جي چلي ٿو ڪين ڪي چارو
ڪري پنهنجو اسان جي گهر ۾ ايندو قرب ڪوهيارو

نہ آهي ذات تائين ذات جنهن کي ڏئي ڏٺي منهنجو
افعالن جي ڪري سهٽي ڪان وڌ آ لک دفعا ڪارو

عجيبن جي ڪيو الفت اندر ۾ آهي اوتارو
خبر هوندي انهيءَ کي جيڪو ڦاٿو هوندو مون پارو

سچي سڪ جنهن کي آهي سوئي ٿيندو آهي سوپارو
متو بلڪل متن ماڻهن پئي هٿ جو آ کٿو کارو

پنهنجي محبوب جو عاشق مان نالي آهيان ”دادن“
سڏن درويش ٿا ڪي ۽ سڏن ٿا ڪي تہ سونارو

❊

دادن فقير

مون ڪري جو حيا ڪري ڪوئي
منهن جي دک جي دوا ڪري ڪوئي

جيئن مجبور مان ٿي پيو آهيان
تيئن نہ ٿي پئي خدا ڪري ڪوئي

هر ڪو عيبن ۾ پيو پريو آهي
ڪونہ ڪنهن جي گِلا ڪري ڪوئي

هن جيئڻ ڪان مري وڃان ”دادن“
مون ڪي اهڙي دعا ڪري ڪوئي

❉

دادن فقير

ٽجي عاشق تہ سر ڪارو خواري جو ڪٽڻ گھرجي
لٽي لوڙھو ملامت جو ٽپو ڏيئي ٽپڻ گھرجي

ٽجي بي سر ڏجي پو سر نہ ڏسجي ڪنھن نصيحت کي
ڪشالو قرب وارن لئہ چوڻ ڪھڙو ڪرڻ گھرجي

اگر ڪنھن جاءِ تي ويچار واري گفتگو ڪائي
ڪچھري ۾ ڪجي پنھنجي تہ ٻئي جي پي ٻڌڻ گھرجي

جتي الفت صداقت ۽ محبت ناھي ڪنھن منھن جي
تہ آزي سان اُتئون پنھنجي پڙي ساجھر پٽڻ گھرجي

خدا چاڙٽي سموري زندگي ۾ ”دادنا“ مون کي
نہ گھرجي دور دنيا جو فقط ھڪڙو سڄڻ گھرجي

❊

دادن فقير

## دادن فقير

مان خادم آهيان سارو خدا جي خلق ساري جو
اٿم رستو نندي توڙي وڏي سان قربداري جو

اي منهنجا دوست تون چا واسطي پابند ٿيو آهين
گذر آهي مزو دنيا ڪميٽي پوٺ ڪاري جو

اچي ويجهو ٿيو ٿئي وقت سايو ڪر سواري جو
سنڀاليندي سيئي ڳالهيون پڏي پيغام ماري جو

ادا مسلم چو تو ڪان وسري ڪم ويو ديندار جو
وٺين پاسو نه ٿو افسوس تون مسجد سونهاري جو

نه ٿي گمراهه ڪڻ ڪجهه پاڻ سان توشو تياري جو
شڪار آهين ٿيو شيطان جي چوياري ياري جو

جواني پنهنجي مولا کي ڏئي مان سرخرو ٿيندس
سُجهي ”دادن“ پڇاڙي ٿو اٺانگو بار باري جو

❊

تير جي وار کان بھتر زبان جو وار ڪافي آ
سياڻي کي اشارو ۽ چرئي کي نار ڪافي آ

دوا امراض منهنجي وصال يار ڪافي آ
دوا ڇا جي دوا ڪئون دوست جو ديدار ڪافي آ

خدا پيو موت منهن جي کان اجا پيدا ڪندو کھڙو
منهن جو ئي منهنجي مارڻ واسطي دلدار ڪافي آ

وجي چئہ اي صبا دلبر کي پيو غم ڏي نہ جو اڳ ۾
اسان کي هڪ ئي تنهنجي عشق جو آزار ڪافي آ

متان سوني يا هيري جو ڪري تڪليف گردن تي
گلن جو تنهن ڪري گلروءِ کي هلڪو هار ڪافي آ

قيامت ۾ تہ ضامن واحد القهار وٽ منهنجو
منو حضرت محمد مصطفيٰ سردار ڪافي آ

ڪٽي پيا بار ڪھڙا مان سگھان "دادن" جو اڳ ۾ ئي
مون کي پنهنجي تري تي پنهنجي سر جو بار ڪافي آ

❋

مدت کان بعد اڄ وري دلبر ٿو ياد پئي
بي اختيار شوخ ستمگر ٿو ياد پئي

بي اختياري چاهي هو هر هر ٿو ياد پئي
بي دادگي ۾ دل جو هو پٿر ٿو ياد پئي

سالن ڇهن جو باوفا ڇوڪر ٿو ياد ئي
جو نِنڊو هيو نپايو سو نينگر ٿو ياد پئي

پرين جي در جو ڪتو پنيهر ٿو ياد پئي
هيڪر ٿو ياد پئي وري ٻيهر ٿو ياد پئي

هن شوخ جي زبان مبارڪ منجهان چئو
هٿ هٿ ٿو ياد پئيم ۽ مر مر ٿو ياد پئي

آهي قسم خدا جو اي ”دادن“ غريب سان
دل ڪين ٿي لڳي ۽ تونگر ٿو ياد پئي

❊

دادن فقير

سڀ ڪجھ هلي رهيو آ شرافت جي اوٽ ۾
آخر عيوض انهيءَ جو خراب آهي موٽ ۾

پدمن جي هوندي ڪنهن جي پيٽ پوري نٿي پوي
پورو آ هرڪو سوٽ ۾ نيڪ ٽائي ڪوٽ ۾

اڪ سڀ ڪنهين جي تڏهن ڪلي ويندي "دادنا"
ماڻهو ڪي لڳندو موت جو ڌڪ جڏهن چوٽ ۾

*

آهيان تيرِ نظر جو نشانو ٿيو
اک اک سان ملڻ جو بهانو ٿيو

وڃي رخصت جڏهن هو روانو ٿيو
مون لئہ ظلمت سڄو هي زمانو ٿيو

منهنجي دل جو چمن پي ويرانو ٿيو
آهي آتش ڪرهہ آشيانو ٿيو

وڃهي پاڇو پري وانگي گم ٿي ويو
جنهن جي سر ڪان هي "دادن" ديوانو ٿيو

❊

دادن فقير

کيوسين سِر جو سودو پر نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو
مزو الفت جو اي دلبر نہ ٿو سمجھو نہ مون سمجھو

عبس نکري پيو آخر نتيجو دل لڳائڻ جو
پچاڙي تائين شعلہ گر نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو

عجب آهي پرن هوندي پرن وارا ويا رهجي
کري پرواز ويا بي پر نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو

حکم موجب حقيقت جي ڏکي ڏاکڻ مجاز آهي
منو توکي ۽ مون کي ڍر نہ ٿو سمجھو نہ مون سمجھو

پلا لاغرض بي پرواھہ ڏاڍا يار ”دادن“ جا
پرين پيارا پري پيکر نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو

❊

دادن فقير

## دادن فقير

سچي ڪر اي ادا قاصد اچڻ وارا ڪڏهن ايندا
مريضِ عشق کان پيارا پڇڻ وارا ڪڏهن ايندا

سراسر چاڪ سيني جا سبڻ وارا ڪڏهن ايندا
دلاسو درد وارن کي ڏيڻ وارا ڪڏهن ايندا

سپاجها خوش طبع ماڻهو کلڻ وارا ڪڏهن ايندا
گهڻي مدت کان وڇڙي سان ملڻ وارا ڪڏهن ايندا

اُتر وارا ڪڏهن ايندا ڏکڻ وارا ڪڏهن ايندا
علڻ وارا ڪڏهن ايندا گلڻ وارا ڪڏهن ايندا

قريب الموت ٿي محبوب پيو مان آهيان "دادن"
اگڻ منهنجي پرين پيارا گهمڻ وارا ڪڏهن ايندا

❊

دادن فقير

## دادن فقير

منهنجا مٺا اوهان لاءِ دلڙي ڪباب آهي
رڳ رڳ ۾ راتيان ڏينهان تنهنجو رباب آهي

ڪاغذ لکيم مٺا مل، ورندو مليو نہ مشڪل
ارمان خط ۾ بلڪل ڏاڍو جواب آهي

ليڪن تڪيندي تارا گذري ٿي رات پيارا
ٿي موم دل خدارا ڏاڍو عذاب آهي

”دادن“ چوي ٿنا گر آيو هلي اوهان در
درويش ڪان اي دلبر ڪهڙو حجاب آهي

*

دادن فقير

سور وارن کي سڄڻ سائين ستائيندو نہ ڪر
درد ۾ دل درد وارن جي ڏُکائيندو نہ ڪر

جوش جهل خاموش رھہ، وڃ سر اجهو حاضر حبيب
ڪر قتل ڪڻ تيغ خنجر چئي ٻڌائيندو نہ ڪر

خون منهنجي مئون پلي هٿ لال ڪر پنهنجا پرين
مون ڪسڻ آهي قبوليو آزمائيندو نہ ڪر

سپ مٿي صورت پرستي جي مزي ۾ ”دادنا“
ٿي سگهي تان سور سھہ نہ تہ نينهن لائيندو نہ ڪر

❊

دادن فقير

بدڪار اگر آهيان ايمان تہ آهي
هن سيني ۾ سڪ سوز جو سامان تہ آهي

صورت ۾ بدلجي نٿو حيوان تہ آهي
انسان اجا شڪل ۾ انسان تہ آهي

هر وقت شريعت جو نہ پابند آ ليڪن
هر ڪلمي پڙهڻ وارو مسلمان تہ آهي

ديوانئہ محبت ڪي رهڻ لاءِ جهان ۾
آهي نہ خيابان بيابان تہ آهي

هي ڪيڏو بہ "دادن" آ گنهگار خدا جو
پر سرور عالم جو ثناخوان تہ آهي

❊

دادن فقير

## دادن فقير

لڳائي دل مان وينو آهيان نوخيز دلبر سان
بلا سان باهہ سان قاتل سان شعلہ سان ستمگر سان
جنونِ عشق کان جيڪر چوان منهن ڏئي وڃان هيڪر
ڪوهستان سان بيابان سان هوا سان بحر سان بَر سان
وصالِ يار ڏاران ڪين ٿي سيماب دل وندري
ڪنهن محفل سان چمن سان چاندني سان شهر سان گهر سان
اها مون کي خبر آهي لڳت جيڪا لڳل آهي
ڪليجن سان جگر سان قلب سان ۽ ساهہ سان سر سان
ڪري ويو شوخ مون کي نيم بسمل تيز ابرن جي
تبر سان تيغ سان تلوار سان ڪريان سان خنجر سان
سندس جي سرخ چشمن جون پسي پنبڻيون چيم سِرَ ويو
ڇري سان تير سان پيڪان سان نيزي سان نشتر سان
سڄڻ جي حسن تابان کي ڏيان تشبيهہ مان ڪهڙي
ثريا سان قمر سان شمس سان شيشي سان اختر سان
نہ آهي ننڊ ساري رات ٿڪر ٿو وتان هٽندو
پلنگ سان بستري سان فرش سان ديوار سان در سان
رهائي آسرن ۾ ويو هليو دلدار ”دادن“ کي
محبت سان مزي سان ناز سان ۽ ڍنگ سان ڍر سان

❊

کنهن کي بہ بي قصور رنجائڻ حرام آ
دل ٻئي جي خوامخواه ستائڻ حرام آ

منجهہ دوستيءَ راز چپائڻ حرام آ
هڪ جو ٻئي کي ڪي حال ٻڌائڻ حرام آ

کهڙي پئي لوڙ ڪوڙ جي آ ڪوڙ نيت ڪوڙ
انسانيت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ حرام آ

آهي ڪو جو چوي وڃي مُنهنجي لئہ يار کي
گهر ڪنهنجو بي گناهہ جلائڻ حرام آ

يادِ صنم ۾ پاڻ کي هر دم اي "دادنا"
پاڻي پيئڻ حرام آ کائڻ حرام آ

❊

دادن فقير

## دادن فقير

اج مون کي ياد پئي ٿو دلبر وري وري
برپا ٿئي ٿو مُنهنجي ڪان محشر وري وري

هائو ڪري ٿو پوءِ ڪري نهڪر وري وري
ناهيون ٿا مَس ڊهي ٿو پوي گهر وري وري

خلقت نہ سمجهو توڙي جو خلقت ڏي موڪليو
هڪ هڪ ڪري خداءِ پيغمبر وري وري

بي شڪر آهيون ڏسو تڏهن پي ٿو ڪري
لک مهربانيون خالق و اڪبر وري وري

سمجهي نہ يار "دادنا" ٿو باقي يار کي
کهڙو بڏايان کولي مان دفتر وري وري

کهڙي مجال آ جو ميجان حڪم ڪين ڪي
خدمت ۾ حاضر آهيان نوڪر وري وري

مان ٿو وري وري ڪريان ايلاز آزيون
هو ٿو وري کنيو اچي خنجر وري وري

❊

ستائي ٿو انسان انسان کي
نہ سمجهي ٿو نقصان نقصان کي

جڏهن ويج خود پاڻ بيمار آ
چئون چا جو درمان درمان کي

شريف آدميءَ کي نوازي نٿو
نوازي ٿو شيطان شيطان کي

ڏنو پٽ ڇُٽي جو اجهو ٿو اچي
پڏائي ٿو دربان دربان کي

ڏنم ڪنهنجي اوطاق ۾ ”دادنا“
سهي پيو نہ مهمان مهمان کي

❊

دادن فقير

ايندڙ زماني جو تون ذرا انتظار ڪر
بي فائدو هوا ۾ حياتي نہ غار ڪر
اڄ مُنهنجي ڳالهہ تي تون سچي اعتبار ڪر
هڪ رب تي ڀيو پاڻ تي پنهنجو مدار ڪر
ٻئي جو شڪار ڇو ٿئين، ٻئي کي شڪار ڪر
نالو سڄي جهان اندر آشڪار ڪر
بي اعتبار تي نہ ڪڏهن اعتبار ڪر
جو اعتبار جهڙو هُجي سوئي يار ڪر
بيڪار ٿي نہ ڪار سان اُٿ جار ڪر
ڪجهہ ڀروسو خدا تي رکي روزگار ڪر
توکي ٺڪي ڪو ڳولهي وفادار يار ڪر
ڪنهن نانگ جي ٻچي کي نہ پالي پيار ڪر
مرضي سواءِ پنهنجي جي دنيا ۾ ”دادنا“
ڪنهن جي مٿانهون ڪين گران زور بار ڪر

❊

دادن فقير

## دادن فقير

جهڙو ملي جي توکي تهڙو تون خير وٺ
دل کي تون ڪر ڪباب اهو دل ڪئون وير وٺ

نڪري وڃئي نہ ساٿ اُتي گهٽ ۾ گهير وٺ
تئي بند ٿي بازار تون سودو سوير وٺ

وڻجارا وڻج وڃي تون موتين جو ڍير وٺ
آنو ڪٽي ۾ آني جي بدلي ۾ سير وٺ

ٻڌهير وانگي هٿ پيو رانجهن بغير وٺ
سسئي جان چڏ پنيور کي پرين جو پير وٺ

اميد رک وفا جي نہ ڪم عقل ۾ ڪڍهن
”دادن“ ادا چريو ٿي نہ ٻہرن کان ٻير وٺ

❊

دانهون ڪجن چو هٿ ڪجن دل ۽ دماغ کي
رکجي اندر ۾ مخفي محبت جي داغ کي

موسم بهار جي آ، خزان مُنهنجي واسطي
دلدار کان سواءِ ڏيان، آگ باغ کي

هن چوٽ بعد ڏاڍو حسينن کان ٿو ڊڄان
جيئن ڪو ڪمان سامهون ڏيکاري ڏاغ کي

آهي تہ مُحتسب جو لحاظ ۽ نہ شيخ جو
لبريز ڪر اي ساقي تون مئي جي اياغ کي

جيئري تي مليو ڪين ڪي دلدار "دادنا"
من قبر تي اچي ڪري روشن چراغ کي

❊

مون ڏانهن متان اي مُنهنجا سڄڻ دل ڪٽي وڃين
ناحق نہ مون غريب کي اوجهڙ هٽي وڃين

منٿون ميڙون ڪيتريون توکي ڪيان تہ پِيي
وهلور چو ٿو مون کان منهنجا ڏٽي وڃين

سرتين ٿي سسئي کي جهليو مون وانگي اي مٺا
چو ٿي پنهل جو پوئيان هڪڙي جٽي وڃين

اهڙي تہ خبر ڪانہ هُئي هيئن رهہ روان سڄڻ
”دادن“ کي ڪيئن ٿو اوچتي جهٽ پٽ وٽي وڃين

❊

دادن فقير

## دادن فقير

عمر ساري ۾ مون کي وصل جي نعمت نہ ملي
مان گنهگار هُيس تنهن ڪري جنت نہ ملي

لائيان دل نہ ڪنهن سان، نہ ڏسان هان ڪنهن ڏي
ڪنهن کان افسوس مون کي اهڙي نصيحت نہ ملي

ڪوئيٽا ڪشمير مسوري ۽ شملہ پوني ۾
ياس فرقت جي تپش کان مون کان فرحت نہ ملي

جي ملي ڪنهن کان عزت تہ دولت نہ ملي
چا مليو جيڪڏهن دولت ملي عزت نہ ملي

مصر، ايران پرستان سڄو هڪلي ڏٺم
پر ڪٿي يار جي صورت جهڙي صورت نہ ملي

انقلاب ڪهڙو اي "دادن" هي آهي جو
يار جي منهنجي طبيعت سان طبيعت نہ ملي

*

## دادن فقير

ستا ڪر سجاڳي سمھڻ بند ڪر
تون غفلت ۾ پنھنجو ھجڻ بند ڪر

وڏي وير ٿو واقفيت منجھان
گھٽو اڄ گھٽڻ سان ملڻ بند ڪر

نہ راحت رسي روح کي جن وٽان
وري در انھن جي وڃڻ بند ڪر

سياٽو آ اڄ سيڪو دنيا اندر
چرئي کي چريو پيي چوڻ بند ڪر

غلامي ڏي اشراف جي صدق سان
ڪميٽي کي پيرين پوڻ بند ڪر

پڙھين ۽ عمل ڪين ان تي ڪرين
انھيءَ کان تہ بھتر پڙھڻ بند ڪر

برايون تون پھريان ڏس پنھنجون عزيز
پرايون برايون ڏسڻ بند ڪر

بي غيرت جي جائز نہ آھي نماز
بي غيرت سان کائڻ پيئڻ بند ڪر

دادن فقير

## دادن فقير

جي غيرت جو مادو آ تو ۾ اگر
تہ گھر واري جو ٻاهر گھمڻ بند ڪر

سڏائين ٿو الله وارو تہ پوءِ
مريدن کان پھريان پنڻ بند ڪر

جو پئسي جي خاطر وڃائي وقار
انهيءَ ساڻ رشتو رکڻ بند ڪر

محمّد ﷺ جو آهين اگر اُمتي
تہ ڏيءُ ڏوڪڙن تي ڏيڻ بند ڪر

خدايا تون اڄ پاڻ ڪاليج اندر
ننڍين نينگرين جو نچڻ بند ڪر

گھڻا چوندا هوندا ائين دل اندر
اهو شعر شاعر چوڻ بند ڪر

اجايو نہ ڪنهن تي ڪلو خواه مخواه
بي معنيٰ بي لذت ڪلڻ بند ڪر

دلي حال ڪنهن سان نہ ڪر ”دادنا“
خبر بي خبر کان پڇڻ بند ڪر

❊

دادن فقير

## دادن فقير

ٿيو موت مُنهن جي ڪان منٺار پيدا
ٿيس چو مان بدبخت بيڪار پيدا
پيو دل ۾ ٿي آهي دهڪار پيدا
الائي پيو ٿي چو انڪار پيدا
ڪيو ڪيئن خدا گُل سان گڏ خار پيدا
ٿيو يار پيدا ۽ اغيار پيدا
ويو آهي قاصد خبر ناهي چا ڪئون
اجان چو ٿيو ڪونہ آ يار پيدا
جدائي جي ڪٽين ۾ ڳوڙهن جي يارو
اجهو ٿو اڪين مئون ٿئي نار پيدا
عدم ۾ هجان هان چو پيدا ٿيس مان
جنهن صورت ۾ هو منهنجو دلدار پيدا
اي همراز قانون قدرت جي موجب
محبت ۾ ڪونهي ڪو انڪار پيدا
نہ پيدا هجان هان مان دنيا ۾ هرگز
هجي هان پلي "دادنا" يار پيدا

❊

حقيقت جي چوڻ کان ڪوجي منڪر ٿيو تہ ڇا ٿي پيو!
سهي ويجبو جي عادل پيي ستمگر ٿيو تہ ڇا ٿي پيو!

لٽائي صاحبِ زر ڪين ڪي ٿو راه موليٰ ۾
انڍي وٽ مال دنيا جو ميسر ٿيو تہ ڇا ٿي پيو!

ڏسي خوش ٿي نہ اي زردار پنهنجا محل ۽ ماڙيون
اگر درياه وهندڙ جي مٿان گهر ٿيو تہ ڇا ٿي پيو!

ڪپي ٿي آدمي کي پهريان اخلاق جي دولت
ڪير لاهور جو ڪيڏو تونگر ٿيو تہ ڇا ٿي پو!

اسان جي قوم عافل کي نہ آهي قدر ماڻهن جو
ڪميٽو ووٽ ڪوڙي تي جي ميمبر ٿيو تہ ڇا ٿي پيو!

اي ”دادن“ آ حڪومت مستقل الله اڪبر جي
هتي ڪو ٿوري عرصي لاءِ افسر ٿيو تہ ڇا ٿي پيو!

*

دادن فقير

اڄا تائين نہ آيو ڇو پياري يار جو قاصد
ڪڏهن ڏسنديون اکيون منهنجون اکين جي ٺار جو قاصد

الائي ڇا ڪيو مون آ جو مون ڏي عمر ساري ۾
نہ ڪي دلدار آيو ۽ نہ ڪي دلدار جو قاصد

نہ آيو يار جو قاصد و ليڪن يار ڏي هردم
ويو هوندو دفعا ڪيئي مون عاشق زار جو قاصد

ٻڌڻ ۾ آيو آهي يار ڏي ويندي وٺي نياپا
وڙهي پيا واٺ ويندي منهنجو ۽ اغيار جو قاصد

جدائي جي غمن ۾ بس ڏٽي ڇاٽي اي ”دادن“ هت
مري ويندا سين ايندو ڪين ڪي منٺار جو قاصد

❈

اج ٻئي تي ياڙڻ غفلت آ اڄ پنهنجي همت ڪرڻي آ
هن دوزخ جهڙي دؤر اندر ڪا پيدا جنت ڪرڻي آ

ڪو لطف نہ آ ڪو انس نہ آ ڪو پيار نہ آ ڪو يار نہ آ
بس عادت جي مجبوري ڪان مجبور محبت ڪرڻي آ

لوهر جو دڪان آ دنيا سڄي ويهڻ سان اچي چڻنگون ٽيون پون
ماحول جي حالت اهڙي آ نادان سان رغبت ڪرڻي آ

ڪنهن ڏي نہ وڃڻ دل چاهي ٿي ڪنهن سان نہ ملڻ دل چاهي ٿي
بيڪار بيدردي محفل ۾ لاچار ڪان شرڪت ڪرڻي آ

اي ”دادن“ هاڻي پڻبو مري ڏسبو تہ اڪئين اچبو نہ وري
هن هر هر جي آزارن ڪان ريءَ موت جي رخصت ڪرڻي آ

❋

ڪڏهن حال وري ٿيندو پياري يار جو پاسو
نہ وسري ٿو دلِ مغموم ڪان منٺار جو پاسو

خدا شاهد وهي ڳوڙها پون مُنهنجي ڳلن تان ٿا
پوي ٿو ياد جهڙي وقت دل جي ٺار جو پاسو

نہ اهڙو مون ڏٺو ڪنهن حسن واري جو ڪٺي چهرو
گرم ۽ سيم بر نازڪ نرم دلدار جو پاسو

ويو جيئن آهي تيئن پيرو ڪيائين ڪين ڪي ”دادن“
پسند شايد مون ڪان آيس گهڻو اغيار جو پاسو

❊

دادن فقير

اڳوڻو وقت ناهي دوستو چوڏهين صدي آهي
امن الله ڏيندو ملڪ جي حالت ردي آهي

بلي سيڪائي اڄڪلهہ آهي مَٽ ٻئي کي ڪري چوٽي
ڪِني ڪوجهي، انڌي ڪاڻي، ڦِنجهي توڙي ڦِڏي آهي

غضب نازل اڃان ڪيئن ٿي نہ دنيا جي مٿانهون جو
پنهنجي مُنهن ساڻ مُنهن ڪارو ۾ ماڻهن ۾ ادي آهي

شفا جي آسري تي ايترو چئجي ٿو محشر ۾
ڇڏيندو ڪين ڪي جنهن جي اسان دامن ودي آهي

چڱو آهي چڱائي جي عيوض ”دادن“ چڱائي ڪر
لڪڻ واري ڪنهين جي ڪين ڪي نيڪي بدي آهي

❊

## دادن فقير

گل اهڙي طرح ٿا هوا ۾ لڏن ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري
هڪڙا ٿا هسن هڪڙا ٿا رسن ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري

ڪو رقص جي حالت ۾ آهي ڪو وجد جي حالت ۾ آهي
ڪئي آهي شروع پکواز پنن، ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري

سو سور سهي آزار سهي گل خاطر گل جا خار سهي
زخمي ٿي پيو بلبل جو بدن، ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري

مر باغ ۾ لطفِ بهار هجي گلزار هجي گڏ يار هجي
ڪهڙيون طوطا پکي ٿا لاتيون لنون ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري

هڪ ڏينهن نہ هوندو گل ۽ چمن رابيل رتن سوسن ۽ سمن
رهندو نہ سلامت شاخ ۽ پن ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري

ڪري ”دادن“ هار سينگار نوان اکين جي اڳيان خونخوار نوان
گهمندا ٿا وتن سو سيم بدن ڪوها ٿوڪري ڪونہ ٿوڪري

*

دادن فقير

ڏس تہ مُنهنجي بدنصيبي جو ٿيو آ يار ڪڪ
پروسي جهڙو پيارو دوست دل جو ٺار ڪڪ

ڪو تہ اهڙو هو زمانو جو نہ ٿيندو هو ڪڏهن
منٺ هڪڙو پي نہ مونکان ساهہ جو سينگار ڪڪ

حسن وارن جا ڪڏهن پرپور پريل پاڻ ها
اڄ تہ هڪڙو پي نہ آهي سپ ٿيا هڪ وار ڪڪ

منهنجو مون مان آهي اهڙي ريت ٿو دلدار ڪڪ
ٿيندو جهڙي ريت آ نادار مان زردار ڪڪ

”دادنا“ ڪڏهين بہ اُمت پنهنجي هن بدڪار مان
ڪين ڪي ٿيندو قيامت ۾ سچو سردار ڪڪ

❊

دادن فقير

منو مُحب مُنهنجو مزيدار آهي
جهڙو يار طبيم سوئي يار آهي

اجايو چو پرواھ ڪيجي ڪنهين جي
ڏيڻ وارو هر ڪنهين ڪي ڏاتار آهي

سڄڻ پنهنجي اکين ۾ ائين ئي ٿو سمجهان
خدا جي خدائي جو ديدار آهي

هجي زر تہ هر در يلي واقفيت ڪر
سُجي دوست ڪان دوست بيزار آهي

ڪنيو آهي سِر تي سهائي مون ”دادن“
محبت جو جيڪو ڏکيو بار آهي

❊

اجا دل چوي ٿي ڪبو يار ٻيو ڀي
وري دنيا ۾ وٺبو آزار ٻيو ڀي

اڳي پي پيتوسين وري پيئبو هاڻي
پريل زهر جو جام ٽمٽار ٻيو ڀي

ٿيندي ليليٰ وانگر ڪا ٻي پي جهان ۾
ٿيندو مجنون وانگي ڪو نروار ٻيو ڀي

ليي پوندو ڪاٿون نہ ڪاٿون اي ”دادن“
اڳئين جهڙو خونخوار دلدار ٻيو ڀي

❊

دادن فقير

دلبر سچو رهي تہ حقيقت کُلي پوي
من وصل جو ڪو واءُ گهڙيءَ ۾ گُهلي پوي

ڏسجي انهيءَ کي رستو جو رستو ڀُلي پوي
ڇا لاءِ ڪو غريب اجايو رُلي پوي

ڪجهہ بي نظر ۾ نہ آ معشوق کان سواءِ
عاشق جي گرچہ سر تي ڪٽي ڇَٽُ جُهلي پوي

چاهي پَري يا حور، اڳيان منهنجي يار جي
سرمو پوي اکين ۾ نڪ ۾ ڦُلي پوي

دلبر سواءِ ڪين رهي دل تي ”دادنا“
هر جاءِ هاڪ يار اسان جي هُلي پوي

❊

دادن فقير

## دادن فقير

منهنجا محبوب منهنجا سهڻا يار مان صدقي
ساهه منهنجا منهنجي سيني جا هار مان صدقي

جو نہ توتئون ٿيان گهمرا هزار مان صدقي
تو ميجي منهنجي نہ بي اعتبار مان صدقي

هڪ دفعو چا پرين پر بار بار مان صدقي
توڙي ليڪين نہ تہ پي دل جا تار مان صدقي

چاهي چاڪئون ٿو ڪرين مون ڪان عار مان صدقي
اڳيان وِسرن نہ ٿا تنهنجا پيار مان صدقي

ٿا ڏنگن جهل اهي زلف جا مار مان صدقي
موت "دادن" جو تنهنجا ڪارا وار مان صدقي

❊

دادن فقير

## دادن فقير

مون کان سڄڻ ڀَڄي ويو پيرا نوان نوان
روئي ڏسان ٿو يار جا پيرا نوان نوان

هڪڙا جلي ويا، مان جيئڻ واسطي وري
پيدا ڪريان ڪي پيا، بڪيون جيرا نوان نوان

مون ڏي ڏسي ۽ پنهنجي کهڻ لاءِ دلربا
هر هر ڪاتي کي ڏئي چيرا نوان نوان

گذري ويا اڳوڻا اڳوڻا جي وقت ها
دنيا ۾ اڄ اچي پيا ڦيرا نوان نوان

اڄڪلهه ته ڪيترن جون حسينن ڪري چڏيون
دستارون ڏاڙهيون ڍيريون ۽ ڍيرا نوان نوان

جنهن دل ۾ ڪڏهن ماپي نه ٿي ”دادنا“ خوشي
تنهن دل ۾ درد ڪيا اڄ ديرا نوان نوان

❊

دادن فقير

تدبير ڪم نہ تي ڏئي تقدير زور آ
منهنجي تباهي لاءِ مقدر ڪي شور آ

گم تي وئي چواڄ منهنجي دل جي اور آ
شايد تہ هي لڳل ڪو گهرو گهر جو چور آ

معشوق ڪي هنيانوَ تي عاشق ٿيو تور آ
عاشق تہ پي سندس جي مٿان اور گهور آ

عاشق تيئن مان يار تي آهيان اي دوستو
عاشق چون ٿا جو جيئن چنڊ تي چڪور آ

مان چا چوان ٿو چا هو چوي ٿو مان چا ڪريان
ڪهڙو نہ ڏس تہ اڳيون بہ سمجهڻ جو مور آ

غافل نہ لطفِ عشق کان رهجي اي "دادنا"
انسان عشق کان سواءِ جڻ گهور ڍور آ

❊

## دادن فقير

تنهنجي اکڙين تي مان ايمان لُٽائي ويٺس
تنهنجو عاشق ٿي خدا پنهنجو پلائي ويٺس
پيچ تو يار بي پرواه سان پائي ويٺس
پنهنجو مان پاڻهين آرام ڦٽائي ويٺس
اوچتي ڪيئن مان اکيون توسان اڙائي ويٺس
پنهنجي مان پاڻ لاءِ تقدير بنائي ويٺس
راهه ۾ ساروئي سامان کسائي ويٺس
ٻئي جو ڇا پاڻ مان دل پنهنجي ڦرائي ويٺس
واهه ڪيئن سور پراوا مان پرائي ويٺس
تو ستمگر جي ڪري جان جَلائي ويٺس
تنهنجي تصوير تصور ۾ جمائي ويٺس
ڏوٽي در تنهنجي تي بس ديرو ڄمائي ويٺس
راز اغيار کي ناحق مان ٻڌائي ويٺس
پاڻ تي پنهنجي قسمت کي کِلائي ويٺس
تنهنجو ”دادن“ تو چوي تنهنجي محبت ۾ مِٽا
ناه پرواهه جو سڀ سِر تي سهائي ويٺس

*

ياس پيي درد پيي ٻيي خلق جي رسوائي پيي
ٻڄي پيس چريو پيي مستانو پيي سودائي پيي

تنهنجي مرضي تون ڏسين شوخي سان يا نرمي سان
موت پيي تنهنجي آ چشمن ۾ مسيحائي پيي

ٿيندو انصاف ڏسڻ جهڙو قيامت ۾ تڏهن
رب اڳيان ايندو جڏهن ٻڪرو پيي ڪاسائي پيي

آهيان روز ازل کان مان وڏي اج سوڏو
تنهنجو عشاق پيي مشتاق پيي شيدائي پيي

چا چوان ڪنهن کي قصور آهہ نہ ڪنهنجو ”دادن“
مون تہ دل هٿ سان ڦرائي پيي ڦاسائي پيي

❊

دادن فقير

منافق دوست کان دشمن ڀَلو آ
سُڄي کان کن وچي سوکن ڀلو آ

لِپي چيني جو ڪاٽي ڪين تا ٿي
ٺڪر جو ٺهن ڪري برتن ڀَلو آ

ٿو ڳل پئجي تہ ٿئي ٿو شور پيدا
پري کان يار جو درشن ڀلو آ

ڏئي جو ڪينڪي خوشبو ”دادن“
انهيءَ گل کان تہ گل جو ڦن ڀلو آ

❋

دادن فقير

آهيان زمين تي ليڪن فلڪ تي ڏيان آ
مون بندي جو مٿاهون فرشتن کان شان آ

رحمت پيي منهنجي واسطي زحمت پيي منهنجي ڪاڻ
پر ساڳي وقت ٻانهي تي رب مهربان آ

ٿو پنهنجي مرده زندگي زنده ڪري سگهان
ڪنهن ڳالهہ ۾ تہ موت پيي خود رازدان آ

مٿجي نہ ٿو سگهان جو مان انسان آهيان
بُت جي طرح ڪعبہ ۾ منهنجو نشان آ

ان ڳالهہ ۾ وجي ٿو ڇا ڪجهہ ٻئي جو ”دادنا“
قدرت جي ڪنهن جي سر جي مٿان مهربان آ

❊

دادن فقير

## دادن فقير

ستائيندي تون اي مِٺا ڪيستائين
رهي مون کان سگهندين جدا ڪيستائين

ڪندين منهنجي ويٺو گِلا ڪيستائين
ءِ ڏيندين وري بد دعا ڪيستائين

حياتي کي هوندو بقا ڪيستائين
ڇڏيندو ڪنهن کي خدا ڪيستائين

جو آهي مرڻ وارو تولئہ تنهن جي
ڪندو چا ڪو حاذق ڪيستائين

اجائي جو بي عذر ”دادن“ سا هيئن تون
رٺو رهندين ڏس دلربا ڪيستائين

❋

دادن فقير

## دادن فقير

منزل کي ڪڏهن پهچندي هيءَ ٽور ڍري جي
هڪ بيوسي ٻي سرتي ٻَري بار ڳري جي

حالت نہ پڇو مون کان ڏسڻ جهڙي نہ آهي
دل ۾ ٿي ٻري باهہ جا چڻ باهہ ڪري جي

آسان اَٿو جيڪي ڪجهہ سپ تي سگهي ٿو
پر آهِہ ضرورت رڳو همت جي ذري جي

بجلي جي جهلڪ چاهي انهيءَ کان بہ زياده
ماري ٿي سجڻ واري مون کي ديد پري جي

مون کي پيو کپي چا پيو خدا کان گهران مان
جي خاڪ هجان يار جي جوتي جي تري جي

ڪوڪو ٿو هزارن مان بچي ”دادنا“ اڄڪلهہ
قسمت جي سٺي آهي ڪنهين بخت پري کان

*

دادن فقير

## دادن فقير

جان سورن ۾ وئي سڙي آهي
ياد سڪ جي نہ ڪا گهڙي آهي

هڪ تہ همراز هم جليس نہ آ
لاٿي دردن پيي ڏمرڙي آهي

عمر پر ڪين ڪي ڇُٽي سگهبو
دوست دل قرب ۾ ڪڙي آهي

جا ٿي خود موت پيي مري ٿو وڃي
ڪيئن وڃي اڪ اتي اڙي آهي

ڪن ڪٿي رات عيش ۾ ”دادن“
ڪن ڪٿي روئي رت رڙي آهي

❊

دادن فقير

مخالف منهنجو ڇاڪئون بي سبب اي دلربا ٿيو آن
عجب آهي اجائي جو اسان ڪئون تون خفا ٿيو آن

تون مُنهنجي واسطي اي جانِ من فتنہ قضا ٿيو آن
دماغ آهي نہ هڪ جاءِ، جڏهن لاڪون جدا ٿيو آن

اچا مجنونءَ وانگي مان ٿيو مشهور ڪين آهيان
نہ ڪي مشهور تون ليلي جي وانگي جا بجا ٿيو آن

خدا کي علم آهي ڪا خدا جي آهي قدرت جو
ختم ٿي آس مُنهنجي ڪين، توڙي بيوفا ٿيو آن

جوانيءَ جو پرايو موت "دادن" تُنهنجي الفت مئون
ٿين دشمن دوست مئون، افسوس آهي ڇا مان ڇا ٿيو آن

❋

مون يار کي يار گهٽوئي ڪيو پر يار نہ مُنهنجو يار ٿيو
افسوس اهوئي يار اٿم جو يار مئون هو اغيار ٿيو

هُئي ڪانہ ڪا هي اميد، سڄڻ سر پنهنجي پڇي بيزار ٿيو
مُنهنجي ڪاڻ زمانو آهي سڄو چڻ اوندھ انڌوڪار ٿيو

آ ڪلھ جي خبر آغوش ۾ هو، هڪ پل نہ ٿي مون ڪان ڌار ٿيو
قدرت رب جي آهي جو آهيان يار مٿئون هاڻي بار ٿيو

ٿي عمر سڄي برباد وئي اهڙي پاڻ کي پهريان گل نہ پئي
اچي موت تہ ٿي پئي ڏاڍو چڱو مُنهنجو جڳ ۾ جيئڻ لاچار ٿيو

هاڻي "دادن" اهڙيون دانهون نہ ڪر، انصاف نہ آ، آهون نہ ڪر
جو آيو ڪرڻ ۾ يار لئہ آخر ڪم ڪار سڄو بيڪار ٿيو

دادن فقير